سنڌ آرڊيننس نمبر III، 1971

اولهہ پاڪستان ڪرمنل لا (ترميم) ايڪٽ (منسوخ) (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1971

فهرست


تمهيد

1. مختصر عنوان

2. 1969 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XLII جي دفعہ (Section) 2 جي ترميم.

## سنڌ آرڊيننس نمبر III، 1971

## اولهہ پاڪستان ڪرمنل لا (ترميم) ايڪٽ (منسوخ) (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1971

13 فيبروري، 1971

اولهہ پاڪستان ڪرمنل لا (ترميم) ايڪٽ، (منسوخ) آرڊيننس، 1969 ۾ ترميم لاءِ هڪ آرڊيننس.

تمهيد

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان ڪرمنل لا (ترميم) ايڪٽ، (منسوخ) آرڊيننس، 1969، ۾ هيٺين ريت ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي.

هاڻي، تنهن ڪري، 25 مارچ 1969ع جي مارشل لا جي اعلان جي عمل جي روشني ۾، عبوري آئيني حڪم (PCO) سان گڏ پڙهندي، مليل سمورن اختيا سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس نافذ (Promulgate) ڪرڻ فرمايو آهي:-

مختصر عنوان

1. (1) هي آرڊيننس، اولهہ پاڪستان ڪرمنل لا (ترميم) ايڪٽ (منسوخ) (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1971 سڏيو ويندو.

1969 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XLII جي دفعہ (Section) 2 جي ترميم.

2. اولهہ پاڪستان ڪرمنل لا (ترميم) ايڪٽ (منسوخ) آرڊيننس، 1969 ۾، دفعہ 2 ۾-

(الف) ذيلي دفعہ (2) ۾---

(i) لفظن "نہ ڪندو" ۽ ٻيش وچ ۾ ڪامائون، لفظ، ڏنگيون ۽ انگ "ذيلي دفعہ (3) جي شقن موجب" وڌا ويندا، ۽

(ii) موجود شق (Clause) (a) لاءِ هيٺين شق وڌي ويندي، يعني:-

"(الف) ڄاڻايل ايڪٽ جي گڏريل آپريشن تي اثرانداز ٿيندي يا مڪمل ڪيل ڪا ٻي شيءِ يا ان تحت متاثر ٿيل، يا"،

(ب) ذيلي دفعہ (2) کانپوءِ، جهڙيءَ ريت ترميم ڪيو ويو هجي، هيٺيون ذيلي دفعہ وڌو ويندو، يعني:-

(3) ڄاڻايل ايڪٽ تحت عدالتن (Tribunals) ڏانهن فيصلي لاءِ منتقل سمورا ڪيسز جن ۾ ڊسٽرڪٽ ميجسٽريٽ پنهنجون حقيقتون نہ جمع ڪرايون هونديون، انهن کي فوري طور تي لاڳاپيل ڪرمنل ڪورٽس ڏانهن جاچ ۽ ٽرائل لاءِ اماڻيو ويندو، جيئن ڪيس هوندو، اهڙن ڪيسز لاءِ موجود قانون جي شقن موجب.

[redacted]

نوٽ: مذڪوره ترجمو عام ماڻهن اقفيت لاءِ آهي، جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.